

# Cluster bean - گوار

## زمين:

گوار هر قسم جي زمين تي تي سگهي ٿي. پر هن فصل لاءِ وڌيڪ موزون وارياسي لٽياسي زمين آهي. هن جي پوک بهتر نيڪال واري چيڪي زمين تي به ڪري سگهجي ٿي. ٿر ۽ ڪاڇي ۾ هن فصل جي پوک عام ٿئي ٿي.

## زمين جي تياري:

گوار جي پوک لاءِ زمين کي ٻه يا ٽي هر ڏئي ۽ سانهر گهمائي هموار ڪجي. ۽ بعد ۾ برسات يا ريج واري پاڻيءَ تي پوکي ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

سائي گاهه لاءِ گوار جي پوکي اپريل کان جولاءِ تائين ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته پوکيءَ جو بهتر وقت جون-جولاءِ آهي. برساتي علائقي ۾ گوار جي پوک چوماسي جي موسم ۾ ڪجي. گاهه لاءِ پوکي واسطي ڇٽ وارو طريقو بهتر ٿيندو.

## ٻج جو مقدار:

سائي گاهه لاءِ گوار جي پوکيءَ واسطي 25 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي.

## ياڻ ڏيڻ:

هن فصل ۾ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي ڏيڻ:

هن فصل لاءِ 2 کان 3 پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر ڏجي ۽ باقي سلسليوار پاڻي ٽن هفتن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

## ڪٽائي ۽ پيداوار:

گوار جي فصل جي گاهه لاءِ ڪٽائي پوکيءَ جي ٻن کان اڍائي مهينن بعد ڪرڻ گهرجي. هن فصل مان آبپاشي جي علائقي ۾ 300 مڻ سائو چارو ۽ باراني علائقي ۾ 150 مڻ في ايڪڙ سائو گاهه ملي ٿو.

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ
ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.
Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com
www.ictagrisindh.gov.pk